SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.I OF 1984

ڪورٽ فيس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984

THE COURT FEES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. ڪجهه دفعات ختم ڪرڻ

Omission of certain sections

3. پهرين شيڊول کي ختم ڪرڻ

Omission certain first schedule

4. ٻئي شيڊول جي ترميم

Amendment Second Schedule

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.I OF 1984

ڪورٽ فيس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984

THE COURT FEES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[15 مارچ 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪورٽ فيس ايڪٽ، 1870 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪورٽ فيس ايڪٽ، 1870 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪورٽ فيس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

ڪجهه دفعات ختم

2. ڪورٽ فيس ايڪٽ، 1870 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به

ڪرڻ
Omission of certain sections

ڄاڻايل ايڪٽ سڌيو ويندو سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، دفعہ 19_A، 19_B، 19_E، 19_F، 19_G، 19_H، 19_I ۽ 19_J کي ختم ڪيو ويندو.

پهرين شيڊول کي ختم ڪرڻ
Omission certain first schedule

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي پهرين شيڊول ۾، آرٽيڪلس 9، 10 ۽ 13 کي ختم ڪيو ويندو.

ٻئي شيڊول جي ترميم
Amendment Second Schedule

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي ٻئي شيڊول ۾ آرٽيڪل 13 کانپوءِ، هيٺيون نئون آرٽيڪل شامل ڪيو ويندو:

"13_A. (a) وصيت جي سچي نقل يا ملڪيت جي منتظميءَ جي سند، جيڪا وصيت يا وصيت کان سواءِ هجي. (b) سڪسيشن ايڪٽ، 1925 جي حصي X تحت سرٽيفڪيٽ (c) 1827 جي سنڌ ريگيوليشن VIII موجب سرٽيفڪيٽ	پندرنهن رپيا

نوٽ:_ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.